# اسلام جي دعوتۓتبليغ جو نبوي طريقو

ڊاڪٽر عبدالرزاق گهانگهرو
پروفيسرا سلاميات مهراڻ يونيورسٽي ڄامشورو .

**Dr. Abdul Razzaq**

**ABSTRACT**

Preaching of Islam is a sacred duty of Muslim. Its objective is to convince the people for expansion of truth. Prophets remained a pioneer figure in human history. All the tassels of light of truth in the universe are the result of these sacred personalities. The Prophet of Islam Hadrat Muhammd (S.A.W.S) played a pivotal role in preaching of truth. It is the result of his missionary efforts that the worst people of human history became a pious, judicious, discriminate and modest etc .The study of missionary aspect of the life of Prophet Muhammad (S.A.W.S) is a unique example for his followers, specially in the present critical situation of Muslim ummah

اسلام درحقيقت هڪ تبليغي مذهب آهي، جنهن پنهنجو پاڻ کي نه صرف تبليغ جي بنيادن تي قائم ڪيو؛ بلڪ ان جي قوت سان ترقي ڪئي ۽ ان تي ئي ان جي زندگيءَ جودارومدار آهي. اسلامي تعليمات جي روشنيءَ اها ڳالهه صاف طور سان واضح ٿئي ٿي، ته اسلام جيڪڏهن ڪنهن شيءِ جو نالو آهي، اهو صرف دعوت الیٰ الله آهي ۽ مسلمان جي زندگيءَ جو جيڪڏهن ڪو مقصد آهي، ته صرف حق جي دعوت ڏيڻ ۽ براين کان روڪڻ . قرآن پاڪ مسلمان جي

زندگيءَ جو مقصد حيات صرف ۽ صرف اهوئي بيان ڪيو ويو آهي. جيئن قرآن پاڪ ۾ فرمايل آهي" ڪنتم خير امته اخرجت للناس تامرون باالمعروف و تنهون عن المنڪر"(1) يعني بهترين گروهه توهان ئي اهيو، جنهن کي ماڻهن جي هدايت لاءِ موڪليو ويو آهي. توهان نيڪي جو حڪم ڪريو ٿا ۽ برائيءَ کان روڪيو ٿا. ٻئي هنڌ دنيا جي وجود جي بقا جي ضرورت صرف اهائي بيان ڪئي وئي آهي ته "ولتڪن منڪم امته يدعون الي الخير يامرون بالمعروف"(2) يعنيٰ توهان ۾ ڪجهه ماڻهو اهڙا هجڻ ضروري آهن، جيڪي نيڪيءَ جي طرف سڏين ۽ براين کان روڪين.

اسلام جي دعوت جي اهميت ۽ افاديت انهيءَ ڳالهه مان صاف طرح سان واضح ٿئي ٿي. ته پاڻ سڳورن جي سموري حيات طيبه ۾ جيڪا شيءِ سڀ کان وڌيڪ غالب ۽ نمايان هئي، سا دعوت الي الله ئي هئي. پاڻ سڳورن ﷺ غرب جي جنهن معاشري ۾ جنم ورتو، اهو انساني تاريخ جو بدترين معاشرو هو. سموري دنيا ڪفر ۽ گمراهي جهالتۅظلالت جي اونداهين ۾ وڪوڙيل هئي. اخلاق ۽ حياءَ جو نالو ۽ نشان ئي نه هو.قتل ۽ غارت،ظلم ۽ خون ريزي عام هئي. اهڙي بدترين ماحول ۾، جنهن جو هر فرد خود غرض ۽ مفاد پرست بڻجي چڪو هو. پاڻ ﷺ پنهنجي خاص ۽ مخصوص تبليغي انداز سان اهڙو انقلاب برپا ڪيو، جنهن جو مثال انساني تاريخ پيش ڪرڻ کان قاصر آهي.(3) ان لحاظ کان سندن زندگي مبارڪ هڪ بي مثال داعي ۽ مبلغ جي زندگي آهي. دراصل اسلام جي قوت جو بنيادي سرچشمو دعوت الي الله ئي آهي، جنهن مڪي جي هر فرد جي زندگي کي بلڪل ئي بدلائي ڇڏيواهوئي سبب هو، جو اصحابن سڳورن جي زندگيءَ جو مقصد پڻ صرف دعوت تبليغ نظر اچي ٿو. انهن جو اٿڻ، ويهڻ، هلڻۅ ڦرڻ، بلڪ

هر عمل جو مقصد الله جي طرف ماڻهن کي سڏڻ ۽ صراط مستقيم تي هلڻ جي تلقين ڪرڻ هو.(4)

تاريخي لحاظ کان نبين سڳورن ۽ مذهبن جي بابت عملي نمونن ۽ مثالن جي جستجو ڪندي اها ڳالهه اجهان به وڌيڪ واضح ٿئي ٿي، ته اسلام کان سواءِ جيڪي به مذهب تبليغي سمجهيا وڃن ٿا. سي درحقيقت تبليغي نه آهن. ان ڳالهه جو ثبوت اهو آهي ته خود ٻڌ مذهب وارن هندن کان سواءِ ٻين ڪنهن مذهب وارن کي نجات جو رستو نه ٻڌايو ۽ نه ئي ان جو حڪم ڪيو. حضرت عيسىٰ عليه السلام بني اسرائيل کان سواءِ ڪنهن به ٻئي قوم کي نه پنهنجو وعظ ٻڌايو ۽ نه انهن کي مخاطب ٿيو.ڪنهن ٻئي قوم جو نه ئي ڪو شاگرد بنايائين ۽ نه ئي ڪو واعظ يا مبلغ موڪليائين. حالانڪ فلسطين ۾ رومين ۽ يونانين جي هڪ وڏي جماعت موجود هئي(5) ان جي بر عکس حضور صلى الله عليه وسلم جن مکي ۾ رهي، ان جي آس پاس جي ماڻهن کي بيدار ۽ هوشيار ڪيو. هر هڪ فرد ۽ قبيلي وٽ وڃي حق جو پيغام پهچايو. سندن نبي حيات طيبه ۾ يمن ۽ حبشه تائين سندن دعوت جو آواز پهتو ۽ ماڻهو حق جي تلاش ۽ جستجو ۾ وٽن اچڻ شروع ٿيا .هجرت کان پوءِ مکي جي قريش جي رڪاوٽن هوندي پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم اصحابن سڳورن کي داعي ۽ مبلغ جي حيثيت ۾ مختلف قبيلن ڏانهن موڪلي، حق جو ڪلمو پهچائيندا رهيا. صلح حديبيه کان پوءِ عرب ۽ بيرون عرب ۾ نه صرف اسلام جا واعظ ۽ مبلغ موڪليا، بلڪ دنيا جي اميرن ۽ سلطانن ڏانهن دعوتي خط پڻ سولکيا .اهڙي طرح عرب جي مشرڪن،يهودين،عيسائين کان علاوه دنيا جي دور دراز علائقن ايران روم ۽ حبشه کان حق جا پانڌيئڙا کهي اچي رحمت جي فيض سان سيراب ٿيا. اسان هن مختـ ـصر ـتالي ۾ حضور صلى الله عليه وسلم جي سيرت طيبه

جي روشني سندن داعيانه طريقه ڪار تي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

## 1. ساده ۽ دلڪش عقيدن جي دعوت

نبين سڳورن جي دعوت جي تاريخ جي مطالعي مان اهو صاف طرح سان واضح ٿئي ٿي، ته سمورن نبين هڪ خاص طريقي سان حق جي دعوت جو ڪم ڪيو ۽ پنهنجي مخصوص اصولن جي پرچار ڪئي. اهوئي سبب آهي، جو هر پيغمبر جي دعوت جي عمومي نوعيت اهائي رهي آهي، ته انهن هميشه اصولن ۽ نظريي جي دعوت ڏني. انهن جي دعوت جو تعلق ڪنهن به طرح ڪنهن شخصي، علائقائي، قومي، قبائلي، نسلي ۽ لساني گروهن جي مفادن جو تحفظ ڪرڻ نه هو، بلڪ هر نبيءَ جو ڪم توحيد الهيءَ جي طرف سڏڻ ۽ تقويٰ جي راه تي آڻڻ هو. انهيءَ اصولن جي بنيادن تي حضور صلی اللہ علیہ وسلم جن پنهنجي سموري تعليم، تلقين ۽ تبليغ ۾ جنهن ڳالهه کي سڀ کان مقدم رکيو، سا خدا وحده لاشريڪ جي سڃاڻپ ڪرائڻ هئي. ان سلسي ۾ پاڻ سڳورن جنهن زور ۽ تاڪيد سان الله جي وحدانيت کي پيش ڪيو، تنهن جو مثال ڪنهن به نبيءَ رسول ۽ داعيءَ جي زندگيءَ ۾ ملڻ محال آهي. پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم پنهنجي سموري زندگي مبارڪ ۾ ڪوبه اهڙو موقعو نه ڇڏيو، جنهن ۾ انسانن جي سامهون الله جي ذات ۽ صفات کي والهانه انداز ۾ پيش نه ڪيو هجي. سندن انهي جوش ۽ جذبي کي ڏسي سندن سخت ترين مخالفن کي به حيرت سان اهو چوڻو پيو، ته "محمد صلی اللہ علیہ وسلم ته پنهنجي رب تي عاشق ٿي پيو آهي(6) ان سان گڏو گڏ پاڻ سڳورن پنهنجي دعوت ۾ جنهن ڳالهه کي موقعي ۽ مناسبت سان ڪتب آندو، سو قرآني آيتن جي تلاوت ڪرڻ هو. جن ۾ باطل مذهبن جي ترديد به هئي، ته حق جي ثبوت ۾ دليل به هئا. اهي دليل اهڙا ته مضبوط ۽ سادا هئا، جو مخالفن وٽ ان جو ڪوبه جواب نه هو.اسلام جي اشاعتي تاريخ اولين ايمان آڻڻ وارن جي فهرست ۾اڪثر اهي خوشنصيب فرد نظر اچن ٿا،جن قرآن ٻڌي ايمان آندو.اهڙن خوش بختن ۾حضرت عمرجو

نالو پڻ نمايان نظر اچي ٿو(7) حضور ﷺ قرآني آيتن کان علاوه اسلامي اعمالن ۽ اخلاق کي جنهن شانائتي پيش ڪيو، اهو پڻ پنهنجي مثال پاڻ آهي. سندن زندگيءَ جو هر لمحو انهيءَ مقدس فرض جي بجا آوريءَ ۾ گذريو ۽ جڏهن پاڻ هن دنيا مان راه رباني ونڻ وار هئا. ان وقت به دعوت ۽ تبليغ، وعظ ۽ ارشاد کي جاري رکيائون۽ انهيءَ حالت ۾ پنهنجي جان پنهنجي خالق جي حوالي ڪيائون .(8)

## 2. انفرادي ملاقاتن ۾ دعوت ڏيڻ .

حضور ﷺ غار حرا ۾ پهرين وحيءَ جي نازل ٿيڻ کان پوء شروع ۾ ئي اعلانيه ۽ ظاهر طور تي هڪدم حق جي دعوت مکي جي ماڻهن جي سامهون پيش ڪن ها، ته مکي جا سردارن ۽ با اثر ماڻهن کي سندن دعوت تي غور ڪرڻ جو موقعو ميسر نه اچي ها.۽ اهي پنهنجي بي پناه مخالفت ۽ اثر رسوخ کي استعمال ڪندي، حق جي دعوت ۾ رڪاوٽون وجهن ها. ان ڪري عام ماڻهن کي حق جي دعوت کي قبول ڪرڻ ۾ تمام گهڻي دشواري پيش اچي ها. ان ڪري پاڻ سڳورن انفرادي تبليغ جو طريقو اختيار فرمايو ۽ ان سلسلي ۾ ا هڙن شخصن جي چونڊ ڪرڻ فرمايائون، جن جي متعلق سندن خيال هو، ته منجهن حق جي ڳالهه کي ٻڌڻ ۽ دعوت قبول ڪرڻ جي صلاحيت موجود آهي. (9) مشهور محقق محمد حسين هيڪل پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو ، ته الله تعاليٰ جڏهن پاڻ سڳورن کي رسالت جي نعمت سان نوازيو۽ تبليغ دين جي هدايت فرمائي، ته پاڻ سڳورن کي هڪدم خيال آيو، ته ابوبڪر کي قدرت عقل فهم ۽ فراست عطا فرمائي آهي، ان ڪري ڪين سڀ کان پهريائين دعوت ڏني وڃي. ٿي سگهي ٿو، ته اهي انهيءَ دعوت کي قبول ڪري وٺن. انهيءَ سوچ مطابق حضور ﷺ ڪين خدا جي وحدانيت جي طرف سڏيو ۽ جواب ۾ ابوبڪر رضه بنان چون چران جي حضور ﷺ جي دعوت کي قبول ڪيو ۽ فوراايمان آندو(10) انهيءَ ابتدائي انفرادي دعوتي ملاقاتن ۾ ڪيترن سليم طبع شخصن پاڻ ﷺ جي دعوت

سان اسلام قبول ڪيو. ۽ ڪجهه ٻين اصحابن سڳورن جي دعوت تي اسلام اختيار ڪيو. اهڙي مکي زندگيءَ ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جي انفرادي دعوت سان ڪافي مرد ۽ عورتن اسلام قبول ڪيو. ايتريقدر جو سموري مکي ۾ اسلام جو آواز گونجڻ لڳو (11)

### 3. بي داغ ۽ بي عيب پاڪيزه زندگي

حضور ﷺ پنهنجي دعوت جي صداقت جي دليل نبوت کان پهريائين پنهنجي بي داغ، بي عيب ۽ پاڪيزه زندگي ڪي پيش ڪندي فرمايو، ته مان پنهنجن جوانيءَ جا چاليهه سال توهان جي درميان گذاريا آهن. اوهان انهيءَ عرصي دوران خوب ڄاڻو ٿا، ته منهنجي زندگي ڪيڏي نه بي عيب پاڪ ۽ صاف رهي آهي (12) حضور ﷺ جي انهيءَ اولين اجتماعي دعوت ڏيڻ جو ڪو ظاهري ڪڙ تيل ته ڪو نه نڪتو، ڇاڪاڻ ته ابولهب انهيءَ موقعي تي وڏو بد بختيءَ جو مظاهرو ڪيو. ليڪن اهو ضرور ٿيو، جو ان سان پاڻ سڳورن ﷺ جي دعوت جو آواز واضح نموني سان مکي جي با اثر ماڻهن تائين پهچي ويو.(13)

### 4. دعوت طعام جي ذريعي تبليغ

ڪوه صفا تي پهرين اجتماعي ۽ ڪليل دعوت جو جذهن ڪوبه نتيجو سامهون نه آيو، ته پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجي ڪجهه همدردن جي صلاح ۽ مشوري سان پنهنجي ويجهن مٽن ۽ مائٽن کي ڪاڌي جي دعوت تي گڏ ڪرڻ جو پروگرام بڻايو، ته جيئن کين حق جي دعوت جو پيغام پهچائي سگهن. ان دوران پاڻ سڳورن ﷺ جي ٻين طرفان آهو مشورو به آيو، ته انهيءَ دعوت ۾ ابولهب کان سواءِ باقي سمورن رشتيدارن کي دعوت تي سڏيو وڃي. ليڪن انهي دعوت جي خبر ابو لهب کي ڪنهن طرح پنجي وئي ۽ هو بغير دعوت جي پاڻ سڳورن ﷺ جي گهر پهچي ويو ۽ وري به ڇڙ ڏياريندڙ ڳا لهيون ڪيائين ۽ سڀني دعوت تي ايندڙ فردن کي ساڻ ڪري واپس وٺي ويو (14) انهيءَ واقعي

ڪان پوءِ ٻيهر حضور ﷺ جن دعوت جو انتظام ڪيو ۽ سڀني جي سامهون دين حق جي دعوت کي پيش ڪيو. ان تي حضور ﷺ جي چاچي ابوطالب پاڻ سڳورن کي حمايت جو يقين ڏياريو (15) انهيءَ ساڳئي واقعي ۾ ڪجهه تاريخدان اهو به ڄاڻايو آهي، ته پاڻ سڳورن ﷺ حق جي دعوت ڪان پوءِ پنهنجي قبيلي جي با اثر فردن کي پنهنجي مدد ۽ اعانت جي اپيل ڪئي، ته حاضرين مان ڪنهن به جواب نه ڏنو. ليڪن حضرت علي رضه اٿي بيٺو ۽ عرض ڪيائين، ته يا رسول الله ﷺ جيتوڻيڪ مان عمر ۾ ننڍو آهيان ۽ جسماني حيثيت ڪان ڪمزور آهيان.ليڪن مان اوهان جي هن دعوتي ڪم هر لحاظ ڪان معاونت ۽ مدد ڪندو رهندس. ان تي سمورا شريڪ سردار کلڻ لڳا. (16)

### 5. عام رستن، ميلن ۽ مسافرن کي دعوت

طائف جي تبليغي سفر دوران پاڻ ڪريم ﷺ جن جنهن صبر ۽ استقامت جو مظاهرو فرمايو، ان جو مثال انساني تاريخ ۾ ملڻ مشڪل آهي. طائف ڪان واپس ٿيڻ ڪان پوءِ پاڻ ڪريم ﷺ نهايت جوش ۽ جذبي سان دعوت جي عمل کي جاري رکيو. ان سلسلي ۾ مڪي ڪان ٻاهر نڪري ويندا هئا.۽ رستي ۾ ڪو شخص ڪين ملندو هو، ته کين اسلام جي دعوت پيش ڪندا هئا. ڪو مسافر ملندو هو، ته ان کي پاڻ وٽ رهائيندا هئا ۽ خاطر تواضع ڪان پوءِ ان کي حق جي دعوت ڏيندا هئا. مڪي جي پسگردائي ۾ جيڪي ميلا وغيره لڳندا هئا، تن ۾ پري پري ڪان ماڻهو اچي شريڪ ٿيندا هئا. ان دور ۾ عڪاظ ۽ ذلمجاذ جا مشهور ميلا لڳندا هئا. پاڻ ﷺ اهڙن موقعن تي اوڏانهن تشريف وٺي ويندا هئا ۽ دور دراز علائقن ڪان ايندڙن کي توحيد جي دعوت ڏيندا هئا. (17) از انسواءِ حج جي موقعي تي پڻ ڏورانهين علائقن ڪان ماڻهو ڪعبته الله جي زيارت لاءِ ڪهي ايندا هئا. پاڻ شوق ۽ جذبي سان سندن خيمن ۾ وڃي کين چوندا هئا. ته پٿر جا معبود بي جان آهن، انهن جي عبادت ڇڏيو ۽ اڪيلي الله جل جلاله جي عبادت ڪريو

(18).ان سلسلي ۾ عقبه جي وادي ۾ مدينه جي ما ڻهن جي حج جي موقعي تي حضور صلى الله عليه وسلم جي هٿ تي بيعت كي الله تعاليٰ حق جي دعوت جو اولين ذريعو بنايو (19) اهڙي طرح ٻئ سال حج جي موقعي ٻارهن ڄڻن ۽ ٽئين سال ٻنجهتر ڄڻن اسلام قبول كيو. هر دفعي بيعت كرڻ وار مديني پهچي ، انهيءَ ڳالهه جي پنهنجي وس آهر كوشش كندا رهيا، ته زياده كان زياده ماڻهن ۾ تبليغ كري كين مسلمان بنائين. سندن كوشش سان مديني ۾ اسلام جو نعرو تمام وڏي جوش ۽ جذبي سان گونجندو رهيو (20)

**6. داعي ۽ مبلغ تيار كري موكلڻ**

تبليغ ۽ تلقين جي ذريعي جن پاكيزه روحن كي اسلام جي آغوش ۾ آندو، سي سمورا اهڙا ته خوش بخت انسان هئا، جن پنهنجي طور تي جيترو كانئن ٿي سگهيو، پنهنجي عزيزن ۽ مائٽن، گهر ڀاتين ۽ دوستن كي اسلام جي دعوت ڏني ۽ ان ۾ هو اكثر كامياب ٿيا. مورخن اهڙن خوش نصيب شخصن كي ٻن طبقن ۾ ورهايو آهي. ان ۾ هكڙا اهي هئا، جن مسلمان ٿيڻ شرط عام طور تي تبليغ كرڻ شروع كري ڏني ۽ حق جي دعوت جو فرض تصور كيو. جيئن حضرت ابوبكر صدي مسلمان ٿيندي ئي ڇهن ڄڻن كي اسلام جي دعوت ڏني مسلمان بڻائي، حضور صلى الله عليه وسلم جي خدمت ۾ حاضر كيو. (21) اهڙي حضرت ابوذر غفاري (22) حضرت طفيل (23) حضرت ابو موسيٰ اشعري(24) جا نالا سيرت جي تذكرن ۾ نمايان طور تي ملن ٿا. مبلغن جي ٻئي طبقي ۾ اهي اصحاب سڀورا اچن ٿا، جن كي حضور صلى الله عليه وسلم مختلف علائقن ۽ قبيلن ڏانهن تبليغ ۽ دعوت جي لاءِ روانو كيو . پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم كين روانو كرڻ وقت جيكي نصيحتون كيون، سي دعوت ۽ تبليغ جي اهميت كي واضح كن ٿيون . انهن اصحاب سڳورن ۾ حضرت علي ، حضرت سعاد بن حبل ، حضرت خالد بن وليد ۽ حضرت ابو موسيٰ اشعري كي يمن وارن ڏانهن تبليغ ۽ دعوت جي لاءِ روانو كيو، پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم كين روانو كرڻ وقت جيكي نصيحتون كيون، سي دعوت ۽ تبليغ جي اهميت كي

واضح ڪن ٿيون. (25) انهن نصيحتن ۾ اها نصيحت به سيرت جي ڪتابن ۾ نمايان طورتي نقل ڪيل نظر اچي ٿي. جنهن ۾ حضور ﷺ فرمايو،ته اي علي ! لڙائيءَ کان پهريائين ڪين حق ۽ صداقت جي سڏ جانءِ ۽ توحيد ۽ رسالت جي دعوت ڏجانءِ. " فو الله لا يهدي الله بک رجلا خيرا لک من ان تکون لک حمرالنعم". يعني "خدا جو قسم جيڪڏهن تنهنجي ذريعي هڪڙو شخص به هدايت وارو بڻجي ويو. ته تنهنجي لاءِ هڪ سوءُ سرخ اٺن کان بهتر آهي" (26).

### 7. تبليغي جماعتون بنائي موڪلڻ ـ

توحيد جي دعوت ۽ حق جي اشاعت جي تڙپ حضور ﷺ جي قلب مبارڪ ۾ مڪي ۾ جنهن جذبي سان موجود هني. سا مديني ۾ به قائم رهي. هجرت جي شروع کان پنجين هجري تائين جنگ بدر، احد ۽ خندق کان علاوه تقريبا 25 ننڍين ۽ وڏن مهمن ۾ جيتوڻيڪ حضور ﷺ مجبورا تمام گهڻو مشغول رهيا، ليڪن اهڙي سخت ڏکئي وقت ۾ به پاڻ سڳورن غضل ۽ و قاره قبيلي ڏانهن ڏهن يا ستن ڄڻن جماعت (27) ۽ اهل نجد جي تبليغ لاءِ 20 اصحابن سڳورن جي جماعت رواني فرمائي ڪئي (28) پاڻ سڳورن ﷺ انهن جماعتن کي روانو ڪرڻ وقت دوکي ۽ چالبازيءَ جو انديشو پڻ ڏيکاريو، ليڪن پاڻ سڳورن ﷺ جي اندر ۾ انسانن جي هدايت جي جيڪا تڙپ ۽ غم هو، سو انهن جماعتن کي روانو ڪرڻ وقت غالب اچي ويو ۽ انهن جي پڄاڻي دکدائڪ شهادتن جي شڪل ۾ ٿي (29)
خندق جي لڙائي کان پوءِ مديني جي اردگرد قريش جو اثر ماٺو ٿيندو ويو. مختلف قبيلن جا نمائنده مدينه تشريف آور ٿيا ۽ اسلام قبول ڪيائون. ان کان پوءِ حضور ﷺ مختلف قبيلن ڏانهن دعوت ۽ تبليغ جي لاءِ اصحابن سڳورن کي جماعتن جي شڪل ۾ روانو فرمايو. ان سلسلي ۾ سن 6 هه ۾ ڏهن ڄڻن جي جماعت بنو ثعلبه ڏانهن (30) سنه 7 هجريءَ ۾ ابن ابي العوجاء السلمي کي بني سليم ڏانهن پنجاه ڄڻن جي جماعت سان (31) سن 8 هجريءَ

۾ حضرت عمرو بن ڪعب انصاري ڪي 15 اصحابن جي جماعت سان بنو قضاعه جي طرف (32) سنه 8 هجريءَ ۾ پهريائين حضرت خالد بن وليد ڪي بنو خذيمه ڏانهن تبليغ لاءِ موڪليو. ليڪن غلط فهمي سبب بني خزيمه جا ڪجهه ماڻهو مارجي پيا (33) حضور ﷺ کي جڏهن انهيءَ واقعي جو اطلاع مليو، ته پاڻ حضرت علي کي ڪجهه مال ڏئي، بني خزيمه جي طرف موڪليو. حضرت علي انهن جي نقصان جو ازالو ڪيو ۽ حضور ﷺ حضرت علي جي ڪردار کي تمام گهڻو ساراهيو (34) اهڙي طرح عرب جي مختلف علائقن ڏانهن اسلام جي دعوت پهچائڻ لاءِ اصحابن سڳورن جو جماعتن جي صورت وڃڻ تاريخ جي تذڪرن ۾ موجود نظر اچي ٿو.

**8. حڪمرانن ڏانهن خطن جي ذريعي تبليغ .**

صلح حديبيه کان پوءِ حقيقت ۾ اسلام جي دعوت ۽ تبليغ جو هڪ نئون باب شروع ٿيو انهيءَ صلح جي ذريعي جڏهن حضور ﷺ کي لڙاين کان فرصت حاصل ٿي، ته پاڻ ﷺ انهي فرصت کي غنيمت سمجهندي هڪ نئين تبليغي مهم جو آغاز فرمايو. اها نئين تبليغ خطن جي شڪل ۾ اسلام جي دعوت کي پهچائڻ هو. ان سلسلي ۾ پاڻ ﷺ اصحابن سڳورن سان مشورو پڻ ڪيو، ته ڪهڙي طرح ان سلسلي کي شروع ڪيو وڃي. مشوري دوران اها ڳالهه سامهون آئي ، ته بادشاهن جو قاعدو هوندو آهي. اهي ڪاڳر لکيت مهر کان سواءِ نه پڙهندا آهن، انڪري مهر ٺهرائي وڃي. اهڙي طرح اها مهر تيار ڪئي وئي.(35) ان کان پوءِ دعوتي خطن جو سلسلو شروع ڪيو ويو. ۽ عرب جي چئني طرفن کان جيڪي سلطنتون ۽ رياستون هيون، تن جي بادشاهن حڪمرانن، سردارن ۽ رئيسن ڏانهن پاڻ ڪريم ﷺ پنهنجن اصحابن سڳورن جي هٿان موڪلي تبليغي فرض کي احسن طريقي سان نباهيو. اهي تبليغي خط حضور ﷺ مختلف حڪمرانن هڪ ئي وقت نه موڪليا هئا. بلڪ

وقت ۽ حالتن کي مامهون رکي، مختلف وقتن ۾ روانا ڪيا ويا، پاڻ سڳورن ﷺ جا تحرير ڪيل اهي خطه اختصار ۽ جامعيت جي لحاظ دعوت جي تاريخ ۾ پنهنجو مثال پاڻ آهن.

**9. وفد جي شڪل ۾ اچڻ وارن کي دعوت ۽ تبليغ.**

مڪي جي فتح کان پوءِ مڪي جي پسگرداءِ ۾ رهندڙ قبيلا، جيڪي اسلام جي بقا ۽ ڪاميابيءَ جي باري ۾ شڪ ۾ مبتلا هئا، سي اسلام جي دائري ۾ داخل ٿيڻ شروع ٿي ويا. انهيءَ ڏس ۾ لڳاتار مدينه ۾ انهن قبيلن جي وفدن جي آمد شروع ٿي وئي. رمضان سنه 8 هجريءَ ۾ مڪو فتح ٿيو ۽ سن 9 هجريءَ ۾ وفدن جي آمد ايترو ته ڪثرت سان شروع ٿي، جو موءرخن انهي سال کي وفدن جو سال جو نالوسڏيو آهي. سيرت جي مختلف قديم تذڪرن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 15 ۽ وڌ ۾ وڌ 104 وفدن جو ذڪر جو ذڪر ملي ٿو.(36) وفدن جي صورت ۾ ايندڙ قبيلا پنهنجي مخصوص سوچ ۽ نظرين جي بنياد تي پنهجو هڪ مقام رکندڙ هئا. ڪي قبيلا پنهنجي شجاعت، بهادري، سخاوت ۽ مهماننوازيءَ جي ڪري مشهور هئا. ته ڪي وري عمده خصلتن ۽ سيرت جا مالڪ، سخت مزاج سردار ۽ عام فرد هئا. مطلب ته انهن ۾ هر مزاج ۽ فڪر جا فرد شامل هئا.پاڻ ڪريم ﷺ هر وفد جي پهچڻ سان دين جي دعوت جو سلسلو شروع نه پئي ڪيو، بلڪ سڀ کان پهريائين دعوت جي لاءِ ماحول بڻايو،وفد ۾ هر هڪ شامل شخصن سان سندس حيثيت مطابق عزت ۽ احترام جو برتاءُ ڪيو. ايتري قدر ته رواداري ڏيکاري، جو انهن جي ڪيترن نا پسنديده حرڪتن تي صبر ۽ تحمل ۽ برداشت جو مظاهرو پڻ فرمايو. منجهن موجود خوبين جي تعريف به فرمائي ته وري ڪن خامين جي ناصحانه انداز ۾ نشاندهي ڪندي، ان جي درستگي جو اهڙو انداز اختيار ڪيو .جو سندن دل خوشيءَ سان جهومڻ ٿي لڳو. اهوئي سبب هو، جو پاڻ سڳورن ﷺ جي خدمت ۾ آيل اڪثر وفد ۾ شامل فرد ايمان جي دولت سان مالا مال ٿي، پنهنجي ماڳن ڏانهن واپس ٿيا(37)

.اهڙي طرح سموري عرب ۾ اسلام جي اشاعت ٿي ۽ ڪوبه اهڙو حصو باقي نه رهيو، جتي اسلام جو آواز نه پهتو هجي.

**10. بدترين مخالفن سان حسن سلوڪ.**

حضورﷺ جي تبليغ جو مقصد صرف دعوت پهچائڻ نه هو، بلڪ تبليغ جي ذريعي الله تعاليٰ جي دين کي عام ڪرڻو هو. انهيءَ لحاظ کان جڏهن سيرت طيبه جو مطالعو ڪجي ٿو، ته اسان کي پاڻ سڳورنﷺ جي درجي بدرجي ڪوشش سان گڏوگڏ مخاطب سان سندس نفسيات ۽ عقلي معيار جي مطابق سهڻي برتاءُ جو پتو پوي ٿو. پاڻ ڪريم ﷺ انهيءَ نفسياتي ۽ اخلاقي پهلوءَ کي اهڙي حڪيمانه انداز ۾ اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش فرمائي، جو سندن بدترين مخالف به سندن مواقف بنجي ويا. هندو سيرت نگار سوامي لڪشمن پرشاد لکي ٿو. ته مڪي جي فتح جي تاريخي موقعي تي اسلام جي پيغمبر ثابت ڪري ڏيکاريو، ته جاني دشمنن سان افضل ترين رحم جو مظاهرو ان وقت آهي، جڏهن توهان کي ڪانئس انتقام وٺڻ جي پوري طاقت ميسر هجي، هيءُ اهڙو اعليٰ ترين اخلاقي مظاهرو آهي، جنهن جو مثال پيش ڪرڻ کان انساني تاريخ قاصر آهي (38) مڪي جي فتح جي موقعي فاتح جي حيثيت سان داخل ٿيڻ وقت جڏهن هڪ اصحابي سڳوري کان هيءُ لفظ نڪتا، ته اڄ بدلي ۽ انتقام جو ڏينهن آهي. جڏهن پاڻ سڳورنﷺ ان اصحابي سڳوري کان اهي لفظ ٻڌا ته "اليوم يوم الملحمه" ته جواب ۾ فرمايائون ته" اليوم يوم المرحمته" يعني اڄ رحم جو ڏينهن آهي(39). انهيءَ موقعي تي پاڻ سڳورنﷺ جنهن لازوال عفو ودرگذر، فراخ دلي ۽ وسيع قلبي جو مظاهرو فرما يو، سو سندن داعيانه صفت جي عڪاسي ڪري ٿو. ابوجهل کان پوءِ اسلام جي خلاف ٿيندڙ سمورين لڙاين جي قيادت ڪندڙ ابوسفيان کي اهڙي ته عزت بخشيائون، جو سندس گهرکي اها حيثيت ڏنائون،جيڪا الله جي گهر ڪعبته الله کي ڏنائون. يعني معافي ۽ درگذر جي اعلان ڪندي فرمايائون، ته جيڪو ڪعبته الله ۾ پناه وٺندو، ان کي معاف ڪيو ويندو ۽ جيڪو ابو

سفيان جي گهر ۾ داخل ٿيو، ان کي به معاف ڪيو ويندو. اهو نئي ڪارڻ هو، جو پاڻ سڳورن ﷺ جي اهڙي فياضي ۽ حسن سلوڪ جي ڪري ابو سفيان بنجي ويو. ۽ڪيس فتح مڪه جي موقعي تي اولين مسلمان ٿيڻ جو عزارحاصل آهي .(40) پنهنجي چاچي حضرت حمزه جي قاتل وحشي کي اسلام جي آغوش ۾ پناه ڏنائون. (41) حضرت حمزه جي سيني مان جيرو ڪڍرائي چٻاڙڻ واري عورت هنده،جڏهن نقاب اوڙهي آئي، ته جيئن پاڻ سڳورا ﷺ کين سڃاڻي نه سگهن ۽ ٻين سان گڏ ڪيس امن ملي وڃي. ليڪن پاڻ سڳورن ﷺ کيس سڃاڻڻ جي باوجود معاف ڪري ڇڏيو(42). افڪ جي واقعي ۾ حضرت عائشه رضه تي بهتان مڙهڻ ۾ منافقن جو سردار عبدالله ابن ابي سر فهرست هو، ليڪن پاڻ سڳورا هميشه ساڻس رحم ۽ ڪرم جو معاملو فرمائيندا رهيا، جڏهن هو مري ويو، ته پاڻ سڳورن ﷺ ان جي ڪفن ۾ پنهنجو پهرياڻ ڏنو ۽ مغفرت جي لاءِ دعا گهري. حضرت عمر بار بار روڪڻ گهريو، ته رحيم ۽ ڪريم نبي ﷺ فرمايو، ته مونکي اختيار ڏنو ويو، ان ڪري مون نماز پڙهائڻ کي ترجيح ڏني،جيڪڏهن مون کي معلوم ٿي وڃي ها، ته ستر دفعا مغفرت گهرڻ کان پوءِ به هن کي معافي ملي ويندي، ته مان ايترا دفعا مغفرت جي دعا گهران هان. (43) عڪرمه، ابو جهل جو پٽ مڪي جي فتح تي يمن ڀڄي ويو. سندس گهر واري ام حڪيم بنت حارث جي اعليٰ اخلاق کان متاثرٿي، مسلمان ٿي وئي. سندس ئي ڪوشش سان عڪرمه به مسلمان ٿي ويو. هوءَ ڪيس پاڻ سڳورن ﷺ جي خدمت ۾ ساڻ ڪري آئي. حضور ﷺ خوشيءَ مان ايترو ته تيزي سان وڌ ندي عڪرمه ڏانهن استقبال ڪرڻ لاءِ اٿيا. جو سندن جسم مبارڪ کان چادر لهي وئي ۽ سندن زبان مبارڪ تي هي لفظ جاري هئا. (44)

اسلام جي اشاعت جي لحاظ کان مڪي جي فتح جو واقعو اسلام جي تاريخ جو هڪ سنهري واقعو آهي، "يدخلونَ فِي دين الله افواجا" (45) جي مصداق ماڻهو وڏي تعداد ۾ اسلام ۾ داخل ٿيا.

ايتري قدر جو سمورو عرب توحيد الاهيءَ جو قائل ۽ حضور ﷺ جي رسالت جي تصديق ڪندڙ بنجي ويو.

**تجزيو؛**

حضور ﷺ جن پنهنجي نبوت جي اعلان کان وٺي زندگي جي آخري لمحي تائين، دين جي اشاعت ۽حق وصداقت جي تبليغ ۾ نهايت اهتمام۽ جذبي سان مشغول رهيا.انهيءَ دوران دعوت ۽تبليغ ،وعظ ۽ نصيحت جا جيڪي ذريعا ٿي سگهيا ،تن سڀني کي پنهنجي حڪمت ۽بصيرت سان استعمال ڪيائون.ان دوران سندن سخت مخالفت ڪئي وئي،رڪاوٽون کڙيون ڪيون ويون .هر طرح سان ستايو۽هيسايو ويو.ليڪن پاڻ سڳورن ﷺنه صرف حق جي دعوت کي جاري ۽ساري رکيو،بلڪ پنهنجي پوءِلڳن کي تعليم۽ تربيت ذريعي پنهنجي دعوت ۾شامل فرمايو.ايستائين جو آخري خطبي ۾ پنهنجي آخري نبي جو اعلان ڪندي " فليبلغ الشاهد الغائب"(46) جي لفظن ۾ امت کي ذميداربڻايو.ان لحاظ کان اسلام جي دعوت ۽تبليغ جي اهميت نه صرف شروعاتي زماني کان نظرياتي طورتي مسلم رهي، بلڪ عملي تجربي جي روشني ۾ ان جي افاديت پڻ ثابت ٿئي ٿي.اهو ئي سبب آهي ،جو اسلامي تاريخ ۾ دعوت ۽ تبليغ جو عمل روان دوان نظر اچي ٿو.۽ختم نبوت جي صدقي قيامت تائين جاري ۽ساري رهندو.

**حوالا**


1 آلعمران،آيت، 110
2 آلعمران،آيت، 114
3 علامه عبدالرحمان ابن خلدون؛" سيرت النبي ﷺ"،(اردو)، مترجم حافظ حقاني ميان قادري، الفيصل ناشران ڪتب لاهور، 2001 ،ص159
4 آرنولڊ ٽي. ڊبليو ؛"اسلام جي تبليغ يعني اسلام جي اشاعت جي تاريخ"، مترجم شيخ محمد حاجن شيخ،قومي هجري ڪميٽي اسلام آباد،1984 ، ص 42

5 سيد سلمان ندوي؛" حضور ﷺكا اسلوب تبليغ"، دعوت اڪيڊ مي اسلام آباد،1990،ص 7

6 شيخ محمد اسماعيل پانيپتي ؛ " تاريخ اشاعت اسلام "،شيخ غلام علي اينڊ سنز لاهور،،1962،ص15

7 علامه شبلي نعماني ؛"الفاروق"، مترجم انجنيئرعبدلمالڪ، دعوت اڪيڊ مي اسلام آباد،،1995ص52

8 رياض احمد سيد؛ "رسول رحمتﷺ"، انسٽيٽيوٽ آف سيرت اسٽڊيزاسلام آباد، 1985 ،ص84

9 هيڪل محمد حسين؛ "حضرت ابوبڪر صديق اڪبر"،مترجم محمد احمد پانيپتي، فڪشن هائوس لاهور،2001 ،ص51

10 ايضا، ص 52

11 " تاريخ اشاعت اسلام"،ص48

12 سيد نواب علي؛"سيرت رسولﷺ"،شمع بوڪ ايجنسي ڪراچي، 2001 ،ص78

13ايضا، ص ايضا

14 محمد جميل احمد؛ "رسول خاتم ﷺ"،نفيس اڪيڊ مي ڪراچي.1988، ص52

15 ايضا ،ص ايضا

16 شبلي نعماني ؛" سيرت رسولﷺ"،مترجم ميمونه سلطانه،يونيورسل بڪس لاهور،1985 ص 47.

.17 سنڌي عبدلواحد؛ "اسلام ڪيسي شروع هوا"، فاران ناشران ڪتب لاهور.،ص 70. 71

18 صديقي نعيم؛ "محسن انسانيتﷺ"، الفيصل ناشران ڪتب لاهور،2005 ،ص51

19 گيلاني عبدلا رحمان مولانا؛ محمد رسول الله ﷺ صبر و ثبات ڪي پيڪر" مڪتبه اسلام لاهور، 1423 ، ص. 80

20 سيد ابوالاعلي مودودي؛سيرت سرور دو عالم”،جلد دوم، اداره ترجمان القران لاهور،1979 ص161
21 قاضي محمد سليمان منصوري؛“رحمت اللعالمين” جلداول،مکتبه اسلاميه لاهور، 2006، ص230
22 "سيرت النبي ﷺ”،جلداول، ص 605
23 بخاري،کتابالمغازي، باب غزوه خيبر،جلد 5، ص77.
24 ندوي ابولحسن مولانا؛ “نبي رحمت”،مترجم سيد محمد الحسيني،مجلس تحقيقات و نشريات لکنو،1980،ص243
25 محمد احمد باسميل؛ “غزوه احزاب”،مترجم اخترفتح پوري،نفيس اکيدمي کراچي،1988،ص42
26 راجه محمد شريف؛ “حيات رسالت مآب ﷺ” زاهد اکيدمي لاهور آباد،1988،ص962
27 محمد طفيل؛ “نقوش رسول نمبر، جلد5،اداره فروغ اردو لاهور،1983 ،ص470
28 ايضا،ص461
29 ايضا، ص.481
30 ايضا، ص.479
31 “تاريخ اشاعت اسلام” ص 203
32 قاضي زين العابدين؛ “نبي عربي”، ندوته المصنفين دهلي، ص 103
33 سيد محبوب علي رضوي ؛ مکتوبات نبوي ﷺ ، اداره اسلا ميات لاهور، 1978 ، ص 32
34 حکيم ابوالبرکات عبدالروءف دانا پوريءَ “اصح السير” نور محمد کارخانه تجارت کتب آرام باغ کراچي ، ص 322

35 مباركپوري صفي الرحمان؛ "الر حيم المختوم"،(اردو)، لمڪتبه سلفيه لاهور، 2003،ص 132
36 محمد سجاد ڊاڪٽر: رسول اڪرم ﷺ ڪا نفسياتي طريقه دعوت؛ مقالا ، " مقالات سيرت نبوي ﷺ، جلد اول، سيرت چيئر، اسلاميه يونيورسٽي بهاولپور، 2005 ، ص 240- 231
37 ايضا
38 سوامي لڪشمن پرشاد، " عرب ڪا چاند" (اردو) مڪتبه تعمير انسانيت لاهور، ص.162
39 ابن القيم الجوزي؛" زاد المعاذ"، جلد اول، (اردو) مترجم ڊاڪٽر مقتدي حسن الازهروي، اديبات لاهور، ص 423.
40 محمد احمد هاشميل "فتح مڪه" (اردو) مترجم اختر فتح پوري، نفيس اڪيدمي ڪراچي، 1984، ص 294.
41 سيد سليمان ندوي "حطبات مدراس" (اردو)، ادارا اسلاميات لاهور، 1983، ص 119.
42 ڊاڪٽر خالد علوي؛ " انسان ڪامل" (اردو)، الفيصل اردو بازار لاهور، 2001، ص 667 .
43 صحيح بخاري، جلد اول، "ڪتاب الجنائز"، ص 343 .
44 ابراهيم العمادي؛ "خاتم النبيين" (اردو) مڪتبه سلطاني ممبئي ، 1950، ص 177.
45. النصر، آيت 2
46 سيد امير علي"سيرت نبوي ﷺ" ، مترجم منصور احمد، قومي ڪتب خانه لاهور،1949، ص 159.